ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 3, Issue 2, 2024 ISSN-L (Online): 3006-6638

# Children's Literature & It's Objective

# ٻارڙن جو ادب ۽ اُن جو مقصد

**Dr. Ghulam Mustafa Solangi**
Executive Producer, Pakistan Television Corporation
**Corresponding Author: *Dr. Ghulam Mustafa Solangi** gm218599@gmail.com

**Received:** 16-10-2024 **Revised:** 14-11-2024 **Accepted:** 25-11-2024 **Published:** 03-12-2024

## ABSTRACT

*This research article explores the multifaceted objectives of children's literature, highlighting its role in cognitive, emotional, and moral development. It examines how stories, poems, and narratives shape imagination, language skills, and ethical understanding in young readers. The study emphasizes the importance of age-appropriate content, cultural relevance, and the promotion of creativity and critical thinking. Additionally, it investigates the educational and social functions of children's literature, including its influence on empathy, values, and social behavior. By analyzing contemporary and classical works, the article underscores the enduring significance of children's literature in nurturing holistic growth and lifelong learning.*

***Keywords:*** *Children's Literature, Cognitive, Emotional, Moral Development*

## INTRODUCTION

اها هڪ مجيل حقيقت آهي ته ماءُ جي هنج ٻار جي پهرين تربيت گاهه آهي. ان ڪري جو ٻار ماءُ جي سپاءَ، هلت ۽ شخصيت مان اثر وٺي پنهنجي انفرادي شخصيت جي جوڙ جڪ ڪرڻ کان علاوه پنهنجي سماجي ۽ نفسياتي لاڙن جو تعين پڻ ڪندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن ٻار ڪُجهه وڏ پرو ٿيندو آهي ته پنهنجي آس پاس جي ماحول کان به مُتاثر ٿيندو آهي. ماڻهن سان رابطي ۾ اچڻ کان پوءِ سندس شخصيت جي پکيڙ گهڻ رُخي ٿي ويندي آهي. رسمي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن کيس اسڪُول ۾ داخل ڪرايو ويندو آهي ته سندس لاءِ هڪ نئين دُنيا جا دروازا کُلي پوَندا آهن. اهڙيءَ طرح درسي ڪتابن کان علاوه ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا ڪتاب ۽ ٻارڙن جا رسالا به سندس شخصيت، ڪردار ۽ لاڙن تي اثر وِجهڻ شروع ڪندا آهن. انهن اثرن جي گهرائيءَ ۽ اهميت جي ڪري ٻاراڻي ادب کي ٻارڙن جي تربيت جو هڪ بُنيادي ذريعو سمجهيو پئي ويو آهي. جيئن ته رسمي درسي ڪتاب تعليمي حوالي سان تيار ڪيا ويندا آهن، تنهن ڪري انهن ۾ شامل مواد ۽ چاڻ جو دائرو محدود هُوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ٻارڙن کي وندر وِرونهن مهيا ڪري ڏيڻ، ذهني سڪُون پهچائڻ ۽ بي چيني ۽ اچرج کي ماٺرائڻ جي ڏس ۾ درسي ڪتابن جو ڪردار گهٽ ئي سگهارو هُوندو آهي. هاڪاري برطانوي نفسيات دان پيٽر سينڊيفورڊ جي خيال ۾:

"The child becomes interested in the outer world and wants to see other people and other lands. He wishes to get behind the things, he sees and handles. His own-self and his own plans, no longer satisfy him; he is curious to hear of the lives of others-their hopes, discoveries and sorrows. He now becomes eager to read everything he can; 'lays his hands on' and so great is this desire that dry ponderous tomes will be religiously read if the others are available." (1)

تنهن ڪري ٻارڙن لاءِ اهڙن ڪتابن جي ضرورت هُوندي آهي، جن ۾ سندن تفريح لاءِ مواد هُجي ۽ اهڙو مواد پڻ شامل هُجي، جيڪو سندن ذهني صلاحيتن ۾ واڌ وِيجهه جو ڪارڻ بڻجي ۽ سندن ڪردار سازيءَ ۾ هڪ مُکيه ذريعي جو ڪم ڏئي. حقيقت ۾ اهڙي ئي ادب کي ''ٻارڙن جو ادب'' چئي سگهجي ٿو.

ٻارڙن جي ادب جو بُنياد اهي لوليون ۽ لوڪ گيت آهن، جيڪي هڪ ٻار پنهنجيءَ ماءُ جي هنج ۾ ۽ سندس آس پاس رهي ٻُڌندو آهي. اهي لوليون ۽ لوڪ گيت کيس وندرائڻ ۽ سندس تفريح لاءِ ئي وجُود ۾ آيا هُئا ۽ دنيا جي هر خطي ۽

هر سماج ۾ گهٽ يا وڌ سطحن تي رائج آهن. تنهن هُوندي به ٻارڙن جي ادب ۾ جن ڪتابن کي شامل ڪيو ويو آهي تن جي ڄمار لڳ ڀڳ ٻه سئو سال ئي آهي. اِن ڏس ۾ برٽانيڪا جونيئر انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيل آهي

"It is at all surprising that books suitable for boys and girls began to open only about 200 years ago, yet stories which children enjoyed, were told by words of mouth for countless generations." (2)

هتي اهو به سُوال اُڀري ٿو ته ٻارن جو ادب آخر آهي ڇا؟ ان جي جامع ۽ قبُوليت جوڳي وصف ڇا آهي؟ ان سلسلي ۾ شفيع الدين نير لکي ٿو "ٻارڙن جي ادب مان مُراد نظم ۽ نثر جو اهو ذخيرو آهي، جيڪو خاص طور تي ٻارڙن لاءِ لکيو ويو هُجي يا وري پنهنجي لاپ ۽ سادگيءَ جي لحاظ کان ٻارڙن لاءِ ٺهڪندڙ هُجي يا ائين کڻي چئجي ته اهي لکڻيون ٻاراڻو ادب آهن، جيڪي ڇئن يا پنجن سالن جي عُمر کان وٺي چوڏهن پندرهن سالن جي ٻارنلاءِ مخصُوص هُجن. بيشڪ ٻارڙن جو ادب به انهن قدرن، خاصيتن ۽ فني گهُرجن وارو هُجڻ گهُرجي، جيڪي ڪنهن به ٻوليءَ جي نظم ۽ نثر کي ادب جو درجو ڏيندڙيون آهن. اهڙين خاصيتن ۾ خيال جي نواڻ، جذبن جي سچائي، ٻوليءَ جو ميٺاج ۽ بيان جو حُسن شامل آهن." (٣)

برٽانيڪا جونيئر انسائيڪلوپيڊيا ۾ ٻارڙن جي ادب جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪئي وئي آهي:

"By children literature, is meant three kinds of writing, important in the lives of young people as they grow up. In the first place, then includes all of the different kinds of stories, written especially, for boys and girls. Secondly, it refers to traditional or folk literature, the collection of fairy tales. Finally, it includes the books written for adults which children have claimed as their won." (4)

ٻار جيئن ته سماج جو بيحد بُنيادي ۽ اهم حصو آهن تنهن ڪري هر اها لکڻي ٻاراڻي ادب جي دائري ۾ اچي سگهي ٿي، جيڪا ٻارن جي نفسيات، ذهني سطح، لاڙن، دلچسپين، روين، انفرادي عمل ۽ ردِ عمل ۽ سندن سماجي وهنوار جو عڪس پيش ڪري. ٻارڙن جي جذبن ۽ احساسن جي گهري اپياس کان سواءِ ٻاراڻي ادب جي تخليق ڪنهن به صُورت ۾ ممڪن ڪونهي.

پروفيسر اڪبر رحمانيءَ ٻارڙن جي ادب جي تعريف ڪندي لکيو آهي "اهو ادب، جنهن جي ذريعي ٻارڙن جي دلچسپين ۽ شوق جو پُوراءُ ٿيندو هُجي ۽ جيڪو مُختلف عُمر جي ٻارڙن جي نفسيات، ضرورتن، دلچسپين، لاڙن ۽ سندن سوچ ۽ سمجهه جي سگهه کي اڳيان رکي تخليق ڪيو ويو هُجي، صحيح معنيٰ ۾ 'ٻارڙن جو ادب' سڏرائڻ جو حقدار آهي." (٥)

ٻارڙن جي نالي واري اديب ۽ نقاد ڊاڪٽر جاويد احمد به ٻارڙن جي ادب جي وصف به لڳ ڀڳ مٿي بيان ڪيل وصف جهڙي ڪئي آهي، پر هُن پنهنجيءَ وصف ۾ ڪُجهه واڌارو ڪندي ان ۾ سي ڊيءَ، ڊي وي ڊيءَ ۽ وڊيو گيم کي به شامل ڪيو آهي. هُو لکي ٿو "ٻارڙن جي ادب مان مُراد نثر ۽ نظم جو اُهو ذخيرو آهي جيڪو خاص طور تي ٻارڙن لاءِ تخليق ڪيو ويو هُجي. اهڙي ادب کي ٻارڙن جي مزاج، عُمر، نفسيات، احساسن ۽ جذبن ۽ ضرورتن کي سامهُون رکي لکيو ويندو آهي. اهي لکڻيون نصابي به ٿي سگهن ٿيون ته غير نصابي پڻ. ٻارن جا رسالا ۽ مخزن به ان ادب ۾ اچي وڃن ٿا. اليڪٽرانڪس جي اڄوڪي دور ۾ سي ڊي، ڊي وي ڊي، تدريسي وڊيو گيم وغيرهه به ٻاراڻي ادب جو هڪ حصو آهن." (٦)

ٻارڙن جي ادب جي مٿي بيان ڪيل وصف وڏيءَ حد تائين واضح ۽ جامع آهي. ان ۾ فني طور تي ٻارڙن جي ذوق، ذهني سطح، ضرورتن، عُمر جي مُختلف درجن ۽ نفسيات کي سامهُون رکيو ويو آهي. باقي سي ڊيءَ، ڊي وي ڊيءَ ۽ تدريسي وڊيو گيم کي ٻارڙن جي ادب ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، پر جيئن ته اهي تحريري شڪل ۾ نه هُونديون آهن، تنهن ڪري اهي اسان جي تحقيق کان ٻاهر آهن. ڊاڪٽر جاويد احمد جي وصف مُطابق ٻارڙن جا نصابي ڪتاب به ٻارڙن جي ادب ۾ شامل آهن به ڪنهن حد تائين درست آهي، پر ڪُجهه ليکڪ ۽ نقاد ٻارڙن جي نصابي ڪتابن کي ٻارڙن جي ادب ۾ شامل ڪونه ڪندا آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ٻارڙن جي ادب جي شروعات درسي ڪتابن سان ئي ٿيندي آهي ۽ ٻار سڀ کان پهريان درسي ڪتابن وسيلي ادب کان سُونهان ٿيندا آهن.

پروفيسر سيد محمد حسنين ٻارڙن جي ادب جي وصف ۾ ڪُجهه واڌارو ڪندي ٻارڙن جي والدين لاءِ لکيل ڪتابن کي به ٻارڙن جي ادب ۾ شامل ڪيو آهي. ان کان سواءِ هن ٻارڙن جي لکڻين ۽ تصويرن کي به ٻاراڻو ادب سڏيو آهي. هُو لکي ٿو "ٻارڙن جو ادب انهن مڙني شعري ۽ نثري لکڻين تي مُشتمل آهي، جيڪي ٻارڙن ۽ سندن والدين لاءِ لکيون وينديون آهن. ان کان سواءِ اهي لکڻيون ۽ تصويرون به ان ادب ۾ شامل آهن، جيڪي ٻارڙا پاڻ لکندا آهن." (٧)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ٻارڙن جي قلم مان سرجيل سُٺين لکڻين کي ٻارڙن جي ادب ۾ شامل ڪرڻ گهُرجي، ڇو ته اهڙيون لکڻيون ٻارڙن جي پسند، ذوق ۽ دلچسپيءَ جو سڌو سنئون ثبُوت هُونديون آهن. اهڙيءَ طرح ٻارڙن جون پسنديده

تصويرون يا ٻارڙن جي لکڻين سان ٺهڪندڙ اسڪيچ به ٻارڙن جي ادب جو ئي حصو آهن، پر ٻارڙن جي والدين لاءِ لکيل لکڻين، جن ۾ ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت، پالڻا ۽ نفسيات جهڙن سنجيدن موضُوعن کي بحث هيٺ آندو ويندو آهي، کي ٻارڙن جي ادب ۾ هرگز شامل نه ٿو ڪري سگهجي، ڇو ته ٻارڙن جي ادب جا سنوان سڌا مُخاطب ٻارڙا هُوندا آهن، نه ڪي سندن والدين.

ان کان سواءِ اها ڳالهه به ذهن ۾ رهي ته ٻارڙن لاءِ لکيل هر ڪتاب کي ٻارڙن جي ادب ۾ شامل نه ٿو ڪري سگهجي. رُڳو وڏن جي ڳالهين کي سوَليءَ ٻوليءَ ۽ اسلُوب ۾ پيش ڪرڻ ٻارڙن جو ادب بنهه ناهي. اڪثر ائين ٿيو آهي جو وڏن جي ڳالهين، تجربن، مُشاهدن ۽ واقعن کي ساديءَ ٻوليءَ ۾ آندو ويو ۽ ان کي ٻارڙن جو ادب سمجهيو ويو. اهڙيءَ طرح ٻارڙن جي ذوق، شوق، دلچسپيءَ، جذبن، احساسن ۽ لاڙن کي سامهُون رکڻ کان سواءِ ئي وڏن جي ادب مان چُونڊيل ادب کي به ٻارڙن جو ادب نه ٿو چئي سگهجي. للين اسمٿ ٻارڙن جي ادب ۽ ٻارڙن لاءِ لکيل ڪتابن جي باري ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"All books written for children are not necessarily literature, does the adult conception of what constitutes a children's book coincides always with that of child's. There are those who think of a child's as just a simpler treatment of an adult theme. This point of view considers children only as dominating adults and arises from misunderstanding of childhood itself, for children are a race whose experience of life is different from that of adults. Theirs is different world _ a child's world in which values are expressed in children's terms, and not in those which belong to adult experience." (8)

للين اسمٿ جي خيال ۾ اهي سڀ ڪتاب، جيڪي ٻارڙن لاءِ لکيا ويا آهن، لازمي طور تي ٻارڙن جي ادب ۾ شامل نه ٿا ڪري سگهجن يعني اهي ڪتاب جن ۾ وڏن جي لکڻين کي سوَلن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي به ٻارڙن جو ادب سمجهيو ويو آهي. اها سوچ ٻارڙن کي وڏن جو هڪ جُزو قرار ڏئي ٿي ۽ اها ٻارڙن جي فطرت ۽ نفسيات کي نه سمجهڻ جو نتيجو آهي. جڏهن ته ٻارڙن جي دُنيا وڏن جي دُنيا کان گهڻو مُختلف آهي ۽ ٻارڙن جا تجربا به وڏن جهڙا نه هُوندا آهن.

ادب کي وقت جي گهُرجن ۽ تبديلين پٽاندڙ هُئڻ بيحد ضروري آهي، نه ته ادب بي رنگ ۽ روايتي ٿي ڪري رهجي ويندو. ٻارڙن جي ادب ۾ ته ان جي ضرورت شدت سان محسُوس ڪئي ويندي آهي. اڄ جي ٻار جو شعُور گهڻو پُختو ٿي چُڪو آهي. هُو هاڻي هر شيءِ جي حقيقت ۽ اصليت ڄاڻڻ چاهي ٿو. هاڻي ڪيس جنن پُوتن، ديوَن پرين ۽ جادُوئي ڪهاڻين وسيلي گهڻيءَ دير تائين وندرائي نه ٿو سگهجي. اڄ جو ٻار چنڊ، ستارن ۽ مريخ جي باري ۾ سوچي ٿو. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي هُو سڄي دُنيا گهُمي ڦِري رهيو آهي. ٻارڙن جي ادب کي انهن نين گهُرجن ۽ لاڙن سان سلهاڙيندي ٻارڙن جي ليکڪا ۽ شاعرا ڊاڪٽر بانو سرتاج ٻارڙن جي ادب جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿي "اُهو ادب جيڪو جديد سوچ، نين تبديلين ۽ نئين زماني جي گهُرجن جو پُوراءُ ڪرڻ کان علاوه ٻارڙن ۾ ڄاڪوڙ، فڪر ۽ عمل جي سگهه پيدا ڪري نين حالتن ۽ نئين زندگيءَ کي سمجهڻ ۾ مددگار ثئي، ٻارڙن ۾ انسانيت، محبت، خدمت، قُربانيءَ ۽ وطن سان محبت جهڙن قدرن کي وڌائي ۽ ڏُکيائين ۽ مسئلن سان مُنهن ڏيڻ سيکاري، سو ئي ٻارڙن جو ادب آهي."(٩)

مٿينءَ وَصف ۾ ليکڪا موضُوعاتي حوالي سان ٻارڙن جي ادب جي وصف ڪئي آهي ته ٻارڙن جو ادب ڪيئن هُجڻ گهُرجي؟ يعني ٻارڙن جو ادب جديد دور سان مُڪمل طور سلهاڙيل هُجي، حقيقي زندگيءَ جو ترجمان هُجي ۽ ان ۾ ٻارڙن لاءِ فڪر ۽ عمل جو پيغام سمايل هُجي.

ادب ۾ نفسياتي معاملن کي پڻ ذهن ۾ رکيو ويندو آهي، خاص طور تي ٻارڙن جي ادب ۾ ته ٻارڙن جي نفسيات ۽ سندن فطرت جو خيال رکڻ بيحد ضرُوري آهي. ڪُجهه ليکڪ ٻارڙن جي ادب جي وصف ۾ ٻارڙن جي نفسيات کي هڪ لازمي جُزي طور شامل ڪيو آهي. احسن شفيق لکي ٿو "نظم ۽ نثر ۾ لکيل اُهو مواد جنهن ۾ لاپائتي ڄاڻ سادن لفظن ۽ وڻندڙ اسلُوب ۾ اهڙي نمُوني بيان ڪيل هُجي، جنهن مان ٻارڙن کي خوشي حاصل ٿي سگهي ۽ سندن نفسياتي تسڪين به پُوري ٿئي، ٻارڙن جو ادب آهي." (١٠)

ٻارڙن جي ادب جي مٿي بيان ڪيل وصفن کي نظر ۾ رکندي ٻارڙن جي ادب جي جامع وصف هن ريت ٿيندي:
ٻارڙن جي ادب مان مُراد نظم ۽ نثر جو اهو ذخيرو آهي:

(1) جيڪو خاص طور تي ٻارڙن جي ذهني سطح کي ڌيان ۾ رکندي تخليق ڪيو ويو هُجي.
(2) جيڪو ٻارڙن جي ذوق، پسند، دلچسپيءَ، شوق، سوچ، سمجهه، جذبن ۽ احساسن پٽاندڙ هُجي.
(3) جنهن ۾ ٻارڙن جي نفسيات، سندن ذهني سطح، لاڙن ۽ سندن تدريجي ارتقا جو خيال رکيو ويو هُجي.
(4) جنهن ۾ ٻارڙن لاءِ وندر وروَنهن سان گڏ سندن لاءِ فڪر ۽ عمل جو پيغام هُجي.

(5) جيڪو سندن ذهني سُجاڳيءَ جو باعث بڻجي، منجهن بُري ۽ ڀلي جوفرق پيدا ڪري، سندن شخصيت سازي ڪري ۽ کين هڪ سُٺو شهري ۽ لاپائتو انسان بڻائڻ ۾ مدگار ثئي.

مٿي بيان ڪيل وصفن مان اهو معلُوم ٿئي ٿو ته ادب ٻارڙن جي مجمُوعي شخصيت سازيءَ جو مُکيه وسيلو آهي، ڇو ته اهو ادب ئي آهي جيڪو انسانن جي جذبن ۽ خيالن ۾ هلچل مچائي منجهن تبديلي آڻيندو آهي. ٻار جيئن ته غير معمُولي طور تي حساس هُوندا آهن، تنهن ڪري اهي اثرائتي انداز ۾ لکيل مواد جو گهڻو اثر وٺندا آهن. ان ڪري ٻارڙن جي ادب ۾ مقصديت واري پاسي کي خاص اهميت حاصل آهي.

ادب زندگي ۽ سماج جو اولڙو آهي. جنهن قوم يا سماج جو ادب ناهي تنهن کي مُئل سمجهيو ويندو آهي. ڪنهن به قوم جي مذهبي خيالن، عقيدن، نظرين، سماجي ۽ اخلاقي جوڙ جڪ، تاريخي واقعن، تهذيبي ۽ ثقافتي روايتن ۽ سياسي حالتُن جو صحيح آئينو ادب ئي هُوندو آهي. ادب ۽ سماج جو هڪ ٻئي سان گهاٽو لاڳاپو هُوندو آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي مُتاثر ڪندا آهن. ادب سماج کي مُتاثر ڪندو آهي ۽ ان کي ڻاهيندو آهي. ان کان سواءِ مذهب، حڪُومت ۽ سياست تي پڻ پنهنجا گهرا اثر ڇڏيندو آهي. انسان جي شخصيت جي جوڙ جڪ ۾ مددگار ثيندو آهي. منجهس قوت ۽ حرڪت پيدا ڪندو آهي؛ حق ۽ سچ کان سُونهون ڪندو آهي؛ انسان ۾ همٿ ۽ حوصلو پيدا ڪندو آهي ۽ کيس مُشڪلاتن ۽ تڪليفن سان مُنهن ڏيڻ جي سگهه عطا ڪندو آهي.

ادب جو سڀ کان وڏو ۽ بُنيادي مقصد قوم ۾ انسانيت، آزاديءَ جو جذبو، خود اعتمادي، سُجاڳي ۽ ٻَڌي پيدا ڪرڻ آهي. ادب ظُلم ۽ ڏاڍ جي مُخالفت ڪندو آهي. جهالت، غفلت ۽ خود پرستيءَ جو خاتمو آڻيندو آهي. وهم پرستيءَ ۽ دقيانوسي لاڙن جي پاڙ پَٽي ماڻهن ۾ روشن خياليءَ کي اُڀاريندو آهي. انسانن ۾ عمل جي سگهه پيدا ڪندو آهي. ادب جو ڪم ماضيءَ کي ان جي اصل رُوپ ۾ پيش ڪرڻ، حال کي صحيح دڳ تي لائڻ ۽ آئيندي جو اولڙو ڏيکارڻ آهي. ڊاڪٽر اطهر پرويز ادب جي خوبي بيان ڪندي لکي ٿو ”ادب جي هڪ وڏي خُوبي اها آهي جو ادب پنهنجن بهترين خيالن کي بهترين لفظن ۾ ۽ بهترين ترتيب سان محفوظ ڪندو آهي. سچ پُڇو ته ان ۾ پنهنجي وقت جا نه رُڳو بهترين خيال سُٺن لفظن ۽ ترتيب سان هُوندا آهن پر ان ۾ پنهنجي وقت جو سچو رُوح پڻ سمايل هُوندو آهي.“ (١١)

مٿئين بحث جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته ٻارڙن جو ادب به اعليٰ مقصدن سان ڀريل هُجڻ گهُرجي. زندگيءَ جو اعليٰ ترين مقصد اخلاقي قدرن جي پاسداري آهي، ڇو ته انهن قدرن وسيلي سماجي ترقي ممڪن ٿي سگهندي آهي. ٻارڙا پنهنجيءَ عُمر جي شروعاتي سالن ۾ سماج کان گهرو اثر وٺندا آهن. تنهن ڪري جيترا سماج جا اخلاقي بُنياد سگهارا هُوندا، اوترو ئي ٻار به پنهنجي شخصيت سازيءَ واري عمل ۾ اخلاقي قدرن جي پوئواري ڪندا. ان لاءِ ضروري آهي ته ٻارڙن جي ادب جو بُنيادي مقصد اخلاقي قدرن جي پرچار هُئڻ گهُرجي. ان ڏس ۾ ناميارو مغربي نفسيات دان ڊاڪٽر جين پياجيٽ لکي ٿو:

“The very purpose of creating children’s literature is to build personality of a child on moral grounds. If a child is ethically sound, he becomes more humane and begins to take into account the feelings and view points of others. Being able to understand other people’s view points and not to be selfish are important skills that children’s literature must nurture in a child.” (12)

ٻارڙن جي ادب جو هڪ ٻيو مقصد سماج ۾ سهپ ۽ رواداريءَ جي واڌ وِيجهه پڻ آهي. ڪهاڻين ۽ مضمُونن وسيلي ٻارڙن کي قائل ڪيو وڃي ته اهي ٻين ماڻهن ۽ اُنهن جي ثقافتي وَرثُن کي دل سان قبُول ڪن. سنڌيءَ ۾ اهڙيون سوين ڪهاڻيون موجُود آهن، جن وسيلي پاڇيءَ، محبت ۽ سماجي هم آهنگيءَ جي حوصلي افزائي ڪئي وئي آهي. خاص ڪري هاڻوڪي دور ۾ اهڙن قدرن کي ٻارڙن جي ادب ۾ خاص جاءِ ملڻ گهُرجي. ڊونا نورٽن (Dona Norton) جي راءِ ان ڏس ۾ ڪافي وزن رکي ٿي. هوءَ لکي ٿي:

“In the present situation of intolerance and rigidity in behaviors, it is essential for children’s literature to encourage to become more open-minded to different types of families as well as cultures and understand that love and tolerance are more important things in a society. Children’s literature must encourage students to develop relationships with people, encouraging social contact. Moreover, children’s literature should encourage children to be considerate and friendly people, and those traits may be consistent with developing children into quality citizen.” (13)

ٻارڙن جي سوچ کي بُلند ڪرڻ به ٻاراڻي ادب جو بُنيادي مقصد آهي. اهو ادب ئي آهي، جيڪو ٻارڙن ۾ گهري سوچ پيدا ڪري ٿو. گهري سوچ ٻارڙن ۾ آزاديءَ سان سوچڻ ۽ ڪنهن به مسئلي تي پنهنجي راءِ ڏيڻ واري سگهه پيدا

ڪندي آهي. ٻارڙن جو معياري ادب ٻارڙن ۾ پرکڻ جي صلاحيت کي پڻ وڌائيندو آهي. گڏو گڏ ٻارڙن کي مُختلف رُخن تي سوچڻ جو حوصلو پڻ بخشيندو آهي. ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ آندل مُختلف ذهني ۽ سماجي تجربا ۽ مُختلف مسئلن ۽ موضُوعن تي ڏنل رايا ٻارڙن ۾ تجزياتي سگهه وڌائڻ جو سبب هُوندا آهن. نورٽن چواڻي:

"Children's literature should aim at allowing and encouraging children to evaluate and analyse what is good for them. Besides, it should strengthen children's cognitive functions in being able to form opinions of their own and to express themselves effectively." (14)

پنهنجي ۽ ٻين جي ثقافتي ورثي ۽ روايتن جو احترام ڪرڻ ۽ انهن جي همت افزائي ڪرڻ به ٻارڙن جي ادب جي مقصدن مان هڪ آهي. ٻارن لاءِ اهو اڻ ٽر آهي ته اهي ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن کي سکن ۽ گڏو گڏ انهن تي عمل پڻ ڪن، ڇا ڪاڻ ته

"Developing positive attitude towards our own culture and the cultures of others is necessary for both social and personal development." (15)

تنهن ڪري ٻارڙن جي اديبن جي اها مُکيه ذميداري آهي ته اُهي ٻارڙن جي ادب کي اهڙين لکڻين سان مالا مال ڪن، جيڪي ثقافتي ۽ تهذيبي حُسن جُون عڪاس هُجن.

ٻارڙن ۾ جذباتي ذهانت پيدا ڪرڻ به ٻارڙن جي ادب جو ئي مقصد آهي. جذباتي ذهانت جي واڌ وِيجهه ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪردار بيحد اهم هُوندو آهي تنهن ڪري:

"Children stories contain numerous moments of crisis, when character makes moral decisions and contemplate the reasons for their decisions." (16)

ٻارڙن ۾ اهڙو ڏانءُ ۽ هُنر پيدا ڪرڻ به ٻارڙن جي ادب جو ئي مقصد آهي. ان کان سواءِ پنهنجنتجربن، سوچن ۽ خيالن ۾ ٻارڙن کي حصيدار بڻائڻ ٻارڙن جي اديبن جي پهرين ترجيح هُجڻ گهُرجي. بُنيادي طور تي ٻارڙن جو ادب، ٻارڙن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو آهي. ان ڪري اها ڳالهه ٻولهه جيتري بامقصد هُوندي اوتري ئي ٻارڙن تي وڌيڪ اثر انداز ٿيندي.

<u>حوالا</u>

1. Sandiford, Peter, "Mental and Physical Growth of Children", Longmans, Green and Company, New York, 1928, P. 290
2. Armitage, John (Chief Editor), "Britanica Junior Encyclopedia", Vol: II _ C, Encyclopedia Britanica Inc. Chicago illnois, U.S, 1980, P. 249.
3. نیر، شفیع الدین، ''اردو زبان میں بچوں کا ادب'' (مقالہ برائے سیمینار)، جامعہ ملیہ اسلامیہ، دہلی، 1978ء، ص: 2
4. Benton, William (Chief Editor), "Britanica Junior Encyclopedia (For Boys and Girls), Vol: IV _ C, Charles Scrubner's & Sons, 1980, P. 149.
5. اکبر رحمانی، پروفیسر، ''اردو میں ادبِ اطفال – ایک جائزہ'' ایجوکیشنل اکادمی، اسلام پورہ (انڈیا)، 1991ء، ص: 68
6. جاوید احمد، ڈاکٹر، ''بچے اور ادب '' (مقالہ) ماہنامہ اردو میلہ (وکیل نجیب نمبر)، دسمبر 2009ء، انصاری اصغر جمیل، مؤمن پورہ، ناگ پور (انڈیا)، ص: 82
7. حسنین، سید محمد، پروفیسر، ''روشنی'' دارالادب، حمزہ پور، بہار، 2008ء، ص: 148
8. Lillian, Smith, "A critical approach to children's literature", American Library Association, Chicago, 1953, P. 15
9. بانو سرتاج، ڈاکٹر، ''بچوں کا ادب – عہدِ حاضر میں'' (مقالہ) سہ ماہی 'مژگاں کلکتہ، ص: 61
10. شفیق، احسن ، ''بچوں کے لئے کیا لکھا جائے؟'' (مقالہ) ماہنامہ اردو میلہ (وکیل نجیب نمبر) دسمبر 2009ء، انصاری اصغر جمیل، مؤمن پورہ، ناگ پور (انڈیا)، ص: 103
11. پرویز، اطہر، ڈاکٹر، ''ادب کسے کہتے ہیں؟'' ترقیء اردو بورڈ دہلی، 1976ء، صؔ 12
12. Piaget, Jean, "The psychology of the child", Basic Books, New York, 1969, P. 103

13. Norton, Donna, “Through the Eyes of a Child: An Introduction to children’s Literature”, Pearson, London, 2010, P. 37
14. Ibid, P. 91
15. Ibid, P. 114
16. Ibid, P. 127